# مهراڻ

جلد ٢٢ — نمبر ٤

١٩٧٣ع

لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد سنڌ



سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ.



جناب ذوالفقار علي ڀٽو

پاڪستان جو پهريون وزيراعظم، جنهن ٽيويهين سنڌي ادبي ڪانفرنس ڏانهن سنڌي زبان ۾ پيغام موڪليو ۽ ان تي پاڻ سنڌيءَ ۾ صحيح ڪئي.

# پيغام

ٽيويهين سنڌي ادبي ڪانفرنس جي انعقاد تي مون کي گهڻي خوشي ٿي آهي. اهم ۽ اڻٽر مصروفيتن سبب ڪانفرنس جي ڪارگذارين ۾ جيتوڻيڪ منهنجي شرڪت ممڪن نہ آهي، ليڪن توهان جي ڪوشش جي نيڪ نتيجن جو متمني ۽ منتظر آهيان.

ڪهڙو نہ عجيب اتفاق ۽ سهڻو سوڻ چئجي تہ لاڙڪاڻي جي باشندي جي حيثيت ۾، مون کي اڄ انهيءَ ٽيويهين ادبي ميڙ جي موقعي تي هن پيغام ڏيڻ جو شرف حاصل ٿيو آهي، جنهن جي سلسلي جو پهريون ميڙ، سنڌي زبان جي وڏي عالم مرحوم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي صدارت هيٺ، هن ئي شهر ۾، سنہ ١٩٢١ع ۾ ٿيو هو ۽ انهن ادبي ميڙن جي نتيجي طور ئي سنہ ١٩٤٦ع ۾، ”جمعيت الشعراء سنڌ“ جو بنياد پيو.

اسان هر اُن ڪوشش جو قدر ڪريون ٿا، جيڪا اسان کي ترقيءَ طرف وٺي هلي ۽ بهتر مستقبل جي ضمانت ڏئي. اسان سڀ هن وقت نئين ولولي ۽ نئين جذبي هيٺ وڏيءَ جدوجهد ۾ رڌل آهيون، جنهن جو مختصر مول مقصد هيءُ آهي تہ اسان جو عوام سک جو ساهہ کڻي. ادب ۾ اڳتي وڌڻ ۾ اسان جي اُن جدوجهد جو هڪ حصو آهي. اديب ۽ عالم امن جا علمبردار ۽ پريت جا پانڌيئڙا هوندا آهن. انهن کان بهرحال نيڪيءَ جي ئي توقع هوندي آهي.

سنڌي زبان هڪ وسيع ۽ شاهوڪار زبان آهي، ليڪن ان ۾ اهڙي ادب پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي، جيڪو عام فهم ۽ حالتن جي نمائنده هجڻ سبب عام ماڻهن ۾ بيداريءَ جي لهر پيدا ڪري.

مان توهان جي ڪاميابين لاءِ دعاگو آهيان.

ذوالفقار علي ڀٽو

وزيراعظم پاڪستان.

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٢٢ — نمبر ۴
(آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر ١٩٧٣ع)

ايڊيٽر
غلام محمد "گرامي"

سب ايڊيٽر
"ناشاد"



سنڌي ادبي بورڊ
"امين منزل"، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ

# مهراڻ

"امين منزل"، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ.
(پوسٽ باڪس نمبر ١٢)

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال، امين منزل،
گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ.

قيمت ٣-٠٠ رپيا

ساليانو چندو ١٠-٠٠ رپيا

في ڪاپي ٢-٥٠ رپيا

Printed and Published by Ghulam Rabbani A. Agro,
Secretary Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press,
and Bookstall "Amin Manzil", Gadi Khato, Hyderabad Sind.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ١

# شعر

# "عنايت" بلوچ

## دلبر ديس دليرن جو

هي دلبر ديس دليرن جو،
آباد رهي، آباد رهي.

هي ديس آ دولهہ دودن جو،
هت هلندو شرڙ شودن جو،
۽ هوشوءَ جهڙن جوڌن جو،
آ ماڳ هي مرد مٽين جو.

جت سورهيہ سوڍا پَٽ ڇهن،
جت ٻري ٻاڙ ٻبرو ڪن،
سي شير ۽ جوڌا جنگ جيتن،
آتي ڇاهي ڪالٽون ڪيرن جو؟

دشمن سان آچائي ڀي چاڻون،
يارن سان نباهي ڀي ڄاڻون،
ڪارن ڪي ڪنبائي ڀي ڄاڻون،
هي شمو آهي شيرن جو.

سڀ ڪنهن جي ٻنهنجي ڌرتي آ،
سا ٻرور توکي ٻرتي آ،
ٻر 'سنڌ' مون چولدي ورتي آ،
ڪو رکجان ٻرم ٻليرن جو.

## ڪافي

درشن ڪارڻ دلبرا تنهنجي، ڌر تي ديرا لاياسي،
ٻير ٻچائي، ٻنڌ ٻچائي، آخر توو وٽ آياسي.
مهڙا! تنهنجي تانگهہ تپايو، مولجهہ منجهايو، سڪ ستايو،
ٻيوس تنهنجي ٻرهہ ٻنايو، لاتا لونهن لياياسي.
توريءَ چاهي جيون جوڀن، ٻن دولت ڌن، مولجهوتن من،
تنهنجي جدائيءَ ۾ او ساجن! ليڙون نير وهاياسي.
دردن دل ۾ ديرو لايو، خوشين مورڙون ماڳ متايو،
عشق آهايو، لونهن لهايو، سورن ۾ ساماياسي.

# گيت

## ( ١ )

بلبل ٽنهنجو ٻُور،
او ڍوليا!
بلبل ٽنهنجو ٻُور.

راحتَ اوڏي ڪين اچي ڪا، ٽمر سراسر سُور — او ڍوليا!
سَرهو ڪين ڇُٽائي سورن، نيڻهن سندو ناسور — او ڍوليا!
دڳ دڳ ڪائي، جان جلائي، ٿي وڃين دلبر دور — او ڍوليا!
تون بيپرواهه مست مکن، مان راهُن تي رلجور — او ڍوليا!
نينهن لڳائڻ، ڪين ابائڻ، دنيا جو دستور — او ڍوليا!
تو پڻ آن دستور ڪيي دلبر! ويتر ڪيو مشهور — او ڍوليا!
الڳ ازل جو وهيو وڇوڙو، ڪنهن جو ناهه قصور — او ڍوليا!
ڪري 'عنايت' يار 'آداسي'، ٿاڻ ٿئين 'مهجور' — او ڍوليا!

## ( ٢ )

ڇو تو نيرَ وهائين نادان! ٿئين افسوس، آداس،
جان جلائي، جوت گنوائي، ڇو تو لاتي آس.

جهرمر جهرمر چنڊ ۽ تارا، سولهن سجو سنسار،
هيرَ هوائون، گلَ گلذاريون، وڻ ٽڻ باغ بهار:
اهڙي جڳ جنسار ڪان ڇو ٿئين نااميد، نراس.

ڏاڍَ ڏکن جا اچنا وڃنا، غم ڪان نا گهبراءِ،
داغَ دکن جا ڌوپي وينداڻ، دلبر ڪر دلجاءِ:
اڳ ايندا، پيچَ پنيءَ جي ٻَرم ايندي باس.

بالا، بهتر، برتر آهين، پنهنجي رک تون چاڻ،
پنهنجي انڌر جهاتي پائي، پنهنجو پاڻ سڃاڻ:
جانبَ جيي لهہ جدائي توکان، تنهنجو توهين پاس.

# ڪافيون

● ”عارف المولا“

*

اندر ۾ چڏي عشق آتش لڳائي،
پلا ڪير آ جو انهيءَ کي اُجهائي.

ويو دل ۾ پارڻ پرين پاڻ پاري، بنا يارَ هي نار ٻيو ڪير ٺاري،
فراق جيون ڦوڪون ڏيو مچ مچائي.

ڪيو قيد ڪابل وجهي ڪيسَ ڪارا، سڪايل جا ويڙا چڪي سڀ سهارا،
هلان جُڪر تي جيئن ٿو حاڪم هلائي.

هيتي حسرت و غم ۽ ارمان ايندا، ميڙي ماڻهو مهڻا ۽ طعنا به ڏيندا،
ڪو ليهي اهي سورَ سِر تي سَهائي.

وٺي نند نيٺن سان اصلئون آڏامي، حڪيمن چيڏي هاڻ همت ۽ حامي،
ويا ويجَ ڦڪيون وري سڀ ورائي.

اهو ’عارفا‘ عشق آهي اڙانگو، مٿي تي ملامت جو ڪٺو آ دانگو،
انهيءَ پڙ ۾ ڪو مرد ٿي پير پائي.

● ”سليم“ ڳاڙهوي

*

سياري جون ڏکيون راتيون،
ڏکڙا غم ۽ ڏکيون ڳالهيون.

محبت جي مريضن کي، ڪٽهن ٿيون قرب جون ڪاتيون.
جلائي عشق جي آتش، وسايون برهه برساتيون.
اٿي ٿي آهَ اندر مان، سڪي ڪونُل سنديون لاتيون.
رچوڙي جا وڏا صدما، ڏڪن ٿيون ڏيل ۾ ڇاتيون.
’سليم‘ اڪثر سنڀاليان ٿي، حبيبن جون ملاقاتيون.

● ولي محمد ”وفا“

*

چو ٿو وڃڻ جون وايون وارين،
اَءُ تہ گهڙي ڪا گڏجي گهاريون.

ڪارا ڪاڪل جڏهن سنوارين، مشتاقن ڪي موهيو مارين،
ترس اٿو ڪو هڪ تِر ڏارين.

ليڪ ڪڍيو ٿو جڏهن نهارين، رستي ويندي راهي ٻهارين،
مفت مسافر منٺڙا مارين.

ڪوڙا دلاسا ڏيئي ڏتارين، وعدا ڪريو، وريو وسارين،
ڪين ڪڏهن ٿو پيارل پارين.

ڏکڙا ڏيئي ڏيل ٿو ڏارين، ڪين ’وفا‘ وٽ پَل بہ گذارين،
هردم دورئي دور ٿو گهارين.

● ”نديم“ انصاري

*

تنهنجي اکڙين جا تہ اسير ٿيا، شهمير گهڻا مهمير گهڻا،
ڪسي شاهي تخت فقير ڪيا، تنهنجي ناز پري تصوير گهڻا.

ڪچي ڪاريون ڪجليون ڪانَ هڻن،
پري پنبڻين جا پيڪان هڻن،
گهائي گهات ڪيا ماري مات ڪيا، انهن ترڇين جي تکبير گهڻا.

وڃي اکڙيون اٽالڪي جاءِ اڙن،
سوا دل جي پٺي ڪنهن جي نہ پڙن،
ٿکيون فرق نہ ڪن، واريو وچ وڃن، انهيءَ امنج سندا اکسير گهڻا.

ڪري ناز ’نديم‘ لوائن ٿيون،
متيون مرڪڻ سان منجهائن ٿيون،
ٿون دولهہ ۽ داتاءِ اچي، الهيءَ در تي دامنگير گهڻا.

رکون وحدت مان روحيءَ رابو، پيت ڪوڙي پرَمَ جي ڊاهيو،
وِکَ وصل ڏي هيا وڌايون.

چڙهي عشق جي موج ۽ مستي، اها ذاتِ مليسون الستي،
لَڇي 'خادم' اينهڙو ايايون.

● مير حسين بخش "مخفي"

*

ڏني دل مون توکي هي اقرار آهي.
قسم تنهنجو توسان سندم پيار آهي.

هَنيئَي تير لظرن جا جيکي مٺا، رکي مون اکين تي مي سيٺي مٺا،
رکيل تنهنجي رخ ۾ ڪو اسرار آهي.

آئي ساه جي توسان وئي آ اڙي، سوا تنهنجي گذري لٿي ڪا گهڙي،
اوهان جي ڪيو هِره بيمار آهي.

هي 'مخفي' جي آ آرزو اي مٺا، ڏيان دم نه توکان اي جاني جدا،
کپي سِرُ ته حاضر، نه انڪار آهي.



# وايون

**● شيخ "اياز"**

سنڌڙيءَ سانُ سَچوم، ڪوري ڪَنڌُ ڌاڙوم-
کهوريس کهوريس سِنڌُ تي.
شال لڳ اڳتي اوجهَران، پَرتپي پنڌُ پيوم-
کهوريس کهوريس سِنڌُ تي.
سِنڌيءَ گاڏڙ رَتُ سان، سارو رُڻُ رتوم-
کهوريس کهوريس سِنڌُ تي.
مون وٽ تيرتيم ڏيئڙال چا جي سيجُ پُڏوم!
کهوريس کهوريس سِنڌُ تي.
ڪاري وارُ ڪِنارُ جو، جو جو گيتُ چيوم-
کهوريس کهوريس سِنڌُ تي.
ڀاڻي! ڀير ڏيکجتو، جپي هي جيءُ ڏنوم-
کهوريس کهوريس سِنڌُ تي.

**● "تنوير" عباسي**

مَن آڏري آڪاس-
تَن تي سَنگهر رُڪ جا.
منهنجو مذهب ماڻهپو، مرون ڪالن ماس،
تَن تي سَنگهر رُڪ جا.
جتڪ ڪي مُشڪ عنبر جو ڏيئي وڃبو واس،
تَن تي سَنگهر رُڪ جا.
جَرَ جَرَ جرڪي جوت ڏئي، منهنجو من الماس،
تَن تي سَنگهر رُڪ جا.
چوڏس ڏات مدام آ، تنهندي لاهِ آماس،
تَن تي سَنگهر رُڪ جا.

● قمر شهباز

اڄ ڏيئڙو ڏيئڙو ڏاهڻ، ميان!
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ، ميان!
جا وات سڄي مون ورجائي، سا سٽ بڻي سوداءُ، ميان!
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ، ميان!
جي جاڳ اسان جي واڳ وٺي، ٻوهه کهوريو سڌ سماءُ، ميان!
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ ميان!
مون پيار ڏنو، پرڀاءُ ڏاو، تون ٻيڙا ۽ ٻڏتاءُ، ميان!
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ، ميان!
مون موت کي جوت بڻايو آ، جا تيڪَ هجي، جا تاءُ، ميان!
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ، ميان!
هي درد مليو دل وارن کان، مون در در لاتو داءُ، ميان!
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ، ميان!
هي لوڻ آڇايل آسوَ ڪندا، جڻ ساوڻ جو سوداءُ، ميان!
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ، ميان!
هي سنڌ مٽان ڪي سونهن-ٻڪي، هُو قيڻ پريو ڦهلاءُ، ميان!
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ، ميان!
هن چنگ جو ڏنگ ڏهوڏو هو، جيئن کهورن جو کهراءُ، ميان!
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ، ميان!

● "خاڪي" جويو

ٻات منجهان ڪا لاتَ لڪائي،
ڳولي ونبي وات.
ڌانڌائي جان ٽمڪي ٽمڪي، چوڏس ٿي چمڪات،
ڳولي ونبي وات.
ظلم ستم جي زور اڳيان ٻي ارچا رکا ڳات،
ڳولي ونبي وات.
مارڻ لاءِ مرونءَ جي ڪيئي گهاتن جهليا گهاتَ،
ڳولي ونبي وات.
"خاڪي" نيٺ ته ڪائيندا سون، ڦڪي ڦڪي ڦات،
ڳولي ونبي وات.

● حافظ "محمد "احسن" چنا

آڏ رپکي تون لئو ڪا لات،
ڪانگا! آڻ پيام پرينءَ جو.
ويلو وچ تي ڪين تون وجهجان، مور نه رهجان ڪاٿي رات:
ڪانگا! آڻ پيام پرينءَ جو.
لونءِ ۾ لوري، جيءُ ۾ جهوري، واڳي نه آهي ٻي ڪا وات:
ڪانگا! آڻ پيام پرينءَ جو.
آب اکين مان اڻين ٿو هاريان، جيئن ٻولند وَسي برسات:
ڪانگا! آڻ پيام پرينءَ جو.
جلدي ورجانءِ ورلدي ورائي، تن ۾ منهنجي تاري تات:
ڪانگا! آڻ پيام پرينءَ جو.
دلبر جو ڪو آڻ دلاسو، سونءُ ڏيانءِ سوغات:
ڪانگا! آڻ پيام پرينءَ جو.
دوست جي در تي دم لئي ٻورو، هوت هميشه هوندو حيات:
ڪانگا! آڻ پيام پرينءَ جو.
'احسن' کي هي آڻ تڻ آهي، ٿئي نه ملڻ ري منهنجي ممات:
ڪانگا! آڻ پيام پرينءَ جو.

● عبدالقيوم "صائب"

ڪنهن ۾ آهي آلَ،
سڏ ڙين کهڙي ڪَلَ.
محب نه سولا ملندا، ٿيندي ايڏي جهَلَ
سڏ ڙين کهڙي ڪَلَ.
پاڻي سيرَ ڪان اڪري، ڏينهو اهڙي آچل:
سڏ ڙين کهڙي ڪَلَ.
منهنجن جي هيئن ٻر ۾، سهندو ڪير سڻل:
سڏ ڙين کهڙي ڪَلَ.
هيءَ ڪاوڙ ڪيئن لٿي، پرتا ڪيئن رتل:
سڏ ڙين کهڙي ڪَلَ.

لالڪن سان ٿي نالڪا، آهن ٻار ٻڌل:
سڏڙين ڪهڙي ڪل.
سهڻا ٻانهي ٿيندا، حامي سان هڪل:
سڏڙين ڪهڙي ڪل.
'صائب' چڏيا آهن، ميڙا ڪين مٿل:
سڏڙين ڪهڙي ڪل.

● رحيم بخش "قمر"

خوب ٿي سونهي ڪٽ، او يار!
سارنگ چڙهيو سيج تي آهي.
ويس وسڻ جا پائي ڪڪرين، مهرئون ڪيڙا مٽ" او يار!
سارنگ چڙهيو سيج تي آهي.
واحد جي اڄ وسڪاري سان، پوريا پائر پٽ" او يار!
سارنگ چڙهيو سيج تي آهي.
لرمل لوري آهه لطارو، ڪڪرن ڪنگرا ڪٽ"، او يار!
سارنگ چڙهيو سيج تي آهي.
ڪيڙا ڪيل خوشيءَ مان ڪنوڻين، ليهن نشيلا لٽ، او يار!
سارنگ چڙهيو سيج تي آهي.
'قمر' چئي تو پاڻ ڪريمن، لاٿا لڙ ۽ لٽ، او يار!
سارنگ چڙهيو سيج تي آهي.

● "راز" نائنشاهي

سوريءَ چڙهندين، تون ٿي رئندين،
چارڻ چنگ لئه چور هائي.
هن دنيا جي وڪري سپ ڪان، آهي ساپ ۽ تور هائي،
چارڻ چنگ لئه چور هائي.
هيرا چاهين جهول ڀري ڏيان، سر جو سودو زور، هائي،
چارڻ چنگ لئه چور هائي.
ڪافر سڏبين، ملحد ٿيندين، سورَ لئه ڪنهن سان اور، هائي،
چارڻ چنگ لئه چور هائي.
صدين جي ڪلنڌ زخمن جي، ڪهڙي ڪهل نڪور، هائي،
چارڻ چنگ لئه چور هائي.

تنهنجي اونءِ لونءِ منجهه وسي ٿو، تنهنجي مَنَ جو چور، هائي،
چارڻ چنگ لاءِ چور هائي.
ڪهڙين جشنِ مرڪ ملهايو، رات مري ويو مور، هائي،
چارڻ چنگ نه چور، هائي.
ڪاڻي سچ مون 'راز' ڏيو آ، منهنجو ڪنڌ نه ڪور، هائي،
چارڻ چنگ نه چور، هائي.

● "تاج" جويو

وڻ وڻ ورتو واسُ،

راوت! تنهنجي رَتَ جو،
مانجهي سڙس مهانُ تون، اَمُلَ تنهنجو ماس،
راوت! تنهنجي رَت جو.
ڀومي‌ءِ پاڪر ڪوليو، چالو ٻٽيو آڪاس،
راوت! تنهنجي رَت جو.
هو جو سپنو سچ جو، چاڙ تہ ٿيندو راس،
راوت! تنهنجي رَت جو.

● "عاجز" آچڙ

اسيج اڙهن سان ڀايان ٿي، ڪيئن ساهيان ٿي،
سهڻي يار سڄڻ سان سينو.
ٻڌ ٿي جا ڪيچ ڏٿين جي، لال لڱن کي لايان ٿي:
ڪيئن ساهيان ٿي.
قرب ڪري وٺا ڏير ڏکيءِ سان، ڳُڻ سندن ٿي ڳايان ٿي:
ڪيئن ساهيان ٿي.
ياد ڪريو ٿي تن کي ٻلبل، اڙڪ اکين سان واهيان ٿي:
ڪيئن ساهيان ٿي.
هردم 'عاجز' هوت ڀنهونءَ جي، ٻانهي ڳولي آهيان ٿي:
ڪيئن ساهيان ٿي.

● "ٻون" سنڌي

جنم جنم کان توکي چاهيان، سيني منجهہ سمايان؛
سائين! آءٌ تہ تنهنجو آهيان.

تنهنجي ڪارڻ منهنجا سپرين! ڇڏيو ٻنڌ ٻچايان،
سائين! آءٌ تہ تنهنجو آهيان.

اوري آءٌ تون منهنجا سانول! توکي سيني لايان،
سائين! آءٌ تہ تنهنجو آهيان.

دشمن جو ٻاڇو نہ ٻوني شل، اندر منجهہ لڪايان،
سائين! آءٌ تہ تنهنجو آهيان.

● "مشتاق" ٻاگاڻي

سراهن جي ڦولاڙ ۾،
تـتـر ڪئي آ ٻولڙي.

جهرمر جهرمر تاريـون، اڄ ڏنيون مون لاڙ ۾:
تـتـر ڪئي آ ٻولڙي.

عزت آن جـي خطري ۾ آ، آهـس ڪوئي تـاڙ ۾:
تـتـر ڪئي آ ٻولڙي.

هاري سڀ هوشيار ٿيو، ڪيئن جيئو ٿا جاڙ ۾:
تـتـر ڪئي آ ٻولڙي؛

● محمد عثمان سولنگي

مـر پيا مرڪن، مارونڙا تہ ملير ۾.

جهانڪيڙا جهنگل ۾، جهــرمـــر پيا جهرڪن؛
مارونڙا تہ ملير ۾.

الـگ اوڏي الـبلـڪـيـون، اڱـڻ آجـر ڪـن:
مارونڙا تہ ملير ۾.

اڇـا آجـــرا الحمد جـهـڙا، ويـس ڪيو وَرڪن؛
مارونڙا تہ ملير ۾.

ٻـڪـن ۾ ٻنوهـار ٿـا، چـالـگ ڪيو چـرڪن،
مارونڙا تہ ملير ۾.

ٻـاڻ ٻـرچـي ٻـاڻ ۾، ٻنهنجي ٿـا ٻـر ڪـن؛
مارونڙا تہ ملير ۾.

قيد ٻاڻيءَ جي ڪڏهين مَن قربون ڪاڪَر ڪن:
مارونڙا تہ مِلير ۾.

# گيت

● شيخ اياز

گهرَ گهرَ جوتِ جلائي،
سانجهي آئي.

تنهنجو ديپُ وسائل ڇو آ؟
تنهنجو مُنهن ڪومائل ڇو آ؟
هرڪنهن سيجَ سجائي!
سانجهي آئي.

هُو جو مُورَ نه وَرِئو آهي،
تنهنجي پريتِ آلهيءَ ڪي چاهي،
ڪَهڙي ڪتُ ٻڌائي!
سانجهي آئي.

هاءِ، اکين وَتِ ڏورا تنهنجا،
هَٿ هَٿ اين ڪتورا تنهنجا،
جن ۾ ٻولهه نه ڪائي!
سانجهي آئي.

ڪنهن سان پريت لڳايئه ڳهلي،
جو اڄ واس نه آيئه ڳهلي،
ساونَ – رات سُهائي!
سانجهي آئي!

● سرو پچندر "شاد"

## لوڪ گيت

ڇمَر ڇمَر ڇمڪي ڇم ٺئي،
سان ڪيئن اچان؟

ڪيئي هيي سارو پيد نه ڪولهي، تنهنجو ليرمل انانءُ ڇئي:
سان ڪيئن اچان؟

پنهنجي ٻهار جي آڪِي ويلي، چنڊ تارن ٻئي ڳالھ ڪئي؛
مان ڪيئن آچان؟
آءِ مستانو، جوڀن آتو، جاڳي ڏُلها تي ليڙُ ٿي:
مان ڪيئن اچان؟
رات چيو: "آ عشق ڪاريهر، جو ڏِيي مَرڻ ۽ موت هَٿي:"
مان ڪيئن اچان؟
ٻَل ٻَل تي آ لڳو ٻهرو، وِرھ ويو آ واڪ ڏئي:
مان ڪيئن اچان؟
اوسيڙي ڏسي اوسيڙي ۾، ڪَنڌري، هاءِ، رات وَلي؛
مان ڪيئن اچان؟

● "اياز" عاقلاڻي

## او پرديسي!

ساوڻ آيو،
تنهنجي ياد ستايو:
ڪر ڪو ملڻ جو سعيو،
او پرديسي!
پنڪان پئي ٻادل والڪي،
آلسو ٽمڪن جل ٿل والڪي؛
تنهنجي اوسيڙي ۾ پيارا، نيڻ لهر وهايو—
او پرديسي!
برساتين جون ڪاريون راتيون،
ڏمڪي ڪاٽيان ساريون راتيون؛
تڪيان ويٺي چانڊ هردم، ڄاڻ تہ ڪوئي آيو—
او پرديسي!
هرڪا پنهنجي ور سان سرهي،
هن موسم ۾ مان ئي آرهي:
سوچيان ويٺي، ڇا مون سچ پچ پريت ڪري پڇتايو—
او پرديسي!

● "پون" سنڌي

## خواهشون

هڪ تون نه هجين، ڪڏ توسان هجان،
هڪ ڳالهه ٻڌان، هڪ ڳالهه ڪيان.

منزل تون هجين، مان واٽهڙو،
سؤ زخم ملن تہ بہ راهہ رمان.
هڪ تون نه هجين.

تون لاٽ هجين، مان پروانو،
سؤ جنم هجن، مان مرندو رهان.
هڪ تون نه هجين.

تون بين هجين، مان دالهن هجان،
گم تو ۾ ٿيان، ٿي گيت وڃان.
هڪ تون نه هجين.

تون مکڙي هجين، گل توکي ڪيان،
توکي خون جگر جو ڏيئي ڇڏيان.
هڪ تون نه هجين.

تون ديوي هجين، مان پوڄاري،
مان توکي جپيان، قدمن تي ڪِران.
هڪ تون نه هجين.

تون سوچ هجين ۽ مان شاعر،
مان سچ سراپا بڻجي وڃان.
هڪ تون نه هجين.

تون تار هجين، مان طلب هجان،
تون دور نہ ٿين، مان دور نہ ٿيان.
هڪ تون نه هجين.

تون سنڌ هجين، مان جند هجان،
جنو وار ڪري، ٻاهار وڃان.
هڪ تون نه هجين.

تون سيکي هجين، مان تج هجان،
تون پريت هجين، مان تو لئہ مکان.
هڪ تون ئي هجين.

سڀ حاصل ٿئي جي حاصل ٿين،
مان هر شئي کان باغي ٿي وڃان.
هڪ تون ئي هجين.

• "نعيم" تقوي

## غم جا نغما ڳايان

غم جا نغما ڳايان وينو، غم جا نغما ڳايان،
توريءَ جڳ ۾ سُور ئي آهن، غم جا نغما ڳايان.

جانب جالي دل سان چاهيم، سڏکي سچ اپاريم،
رئندي وڙندي راه تڪيندي وياڪل رات گذاريم،
ايندين هڪ ڏينهن آس اٿم هي منڙي کي سمجهايان.
غم جا نغما ڳايان.

مُند ملڻ جي ايندي هڪ ڏينهن، لهندا ڏکڙا سارا،
لڙڪ وهائيندس مان خوشيءَ جا تنهنجي ڳلن تي پيارا،
لينهن جو پڻ سوڳند ڏيان ٿو هر هر ٿو پرچايان.
غم جا نغما ڳايان

مهڻا سهندي عمر وئي آ، آهيان پرهہ جو ماريل،
مرڪ ۽ سرڪ هجن جي باهم ٺري هي روح اجايل،
وات هي آهي بند، اڙانگي، ڪنهن کي حال پڌايان؟
غم جا نغما ڳايان.



# نظم

● "تنوير" عباسي

راڳي لاهيان، آهيان راڳ،
ڏينو لاهيان، آهيان جوت؛
سنئي لاهيان، آهيان هوت،
راهي لاهيان، آهيان ماڳ.

امرت لاهيان، آهيان حيات،
پرين لاهيان، آهيان پريت؛
جنگ ۾ آهيان، آهيان جيت،
موت ۾ منهنجي آڌو مات،
امرت لاهيان، آهيان حيات.

● عبدالڪريم "گدائي"

## ڀٽائيءَ جي حضور ۾

تنهنجي ڌرتيءَ ساڻ ڀٽائي، پنهنجو نينهن لايون ويٺا،
پنهنجو نُور لڪوئي پيئي اڄ، تنهنجي جوت جڳايون ويٺا.
پارن جيان واريءَ تي ڪهڙا، هٿڙن سان اڄ ٺاهيون ويٺا،
هڪڙا ٺاهي هڪڙا ڊاهي، دل پنهنجي پرچايون ويٺا.
ڌرتيءَ جي ڌاڙيلن جيڪي، سور ڏنا هيٺ سانگين کي.
رويو رويو تن تي هر هر، نيڻين نير وهايون ويٺا.
پوليءَ جي جنهن جوت تي هر هر، حملا ها پرسارن جا،
لاٽ الهيءَ جي لال لهوءَ سان، جر جر جر جرڪايون ويٺا.

هي گيت هميشه هيڻن جا ۽ واهر ڀاڱ وهيڻن جا،
هي گيت لکڻ سان لاش ٿيا بي شرم غدار ڪميڻن جا.

هي گيت به آهن گيت عجب،
هن گيتن جي ڇا ڳالهه ڪجي!

هي گيت امان جي غربت جا پر آهن شان ۽ شوڪت جا،
هي گيت به ڇا ڇا گيت ٿيا، درياء وهائي غيرت جا.

هي گيت به آهن گيت عجب،
هن گيتن جي ڇا ڳالهه ڪجي!

هي گيت سُنهري ڪينجهر جا، هي گيت ڪراچي بندر جا،
هي گيت سموري سنڌوء جا ۽ سيرَ سهاڻي منڇر جا.

هي گيت به آهن گيت عجب،
هن گيتن جي ڇا ڳالهه ڪجي!

هن گيتن جي ڇا ڪواڄ اٿي، جڏ ڪرڪي ڪرڪي ڪولاڄ اٿي،
جا وينڌڙ واهيري تي آ ۽ موٽي من جي مّواج اٿي.

هي گيت به آهن گيت عجب،
هن گيتن جي ڇا ڳالهه ڪجي!

هي گيت الل اعلان ٿيا، ۽ جذبن جا جولان ٿيا،
جن ڪڙ ڪڙ قهري ڪانَ اٿيا، سڀ زيرزمين زلدان ٿيا.

هي گيت به آهن گيت عجب،
هن گيتن جي ڇا ڳالهه ڪجي!

هي گيت امان جي آزادي، پر غير جي آهن بربادي،
هي گيت آهن اوراڪن جا، جي تڙي ڪڍن ٿا بيدادي.

هي گيت به آهن گيت عجب،
هن گيتن جي ڇا ڳالهه ڪجي!

هي سنڌ سنڌي سرهاڻ ٿيا ۽ هيرن جي جهڙ ڪاڻ ٿيا،
اي 'خاڪي' تنهنجي خيالن جا، هي گيت به روح رهاڻ ٿيا!

هي گيت به آهن گيت عجب،
هن گيتن جي ڇا ڳالهه ڪجي!

● الهداد "عاصم"

## شرط

دل جي صدا جي دل کي ٻڌائڻ گهرين ٿا،
ڪنهن سيني سان سينو ملائڻ گهرين ٿا.

ويرن پهر ۾ رات جو ساقي سجاڳ ٿي،
هڪ رند هڪڙو شيخ ۽ باقي سجاڳ ٿي،
دير ۽ حرم جو فرق مٽائڻ گهرين ٿا.

دامن جو رنگ لال ۽ تنهنجي شراب کان،
ساقي! ۽ تنهنجو چهرو به اڙو حجاب کان،
دامن ۾ منهنجي چهرو لڪائڻ گهرين ٿا.

محفل سڄي سياهه ۽ ڪنهن جي گناهه کان،
ڪٿ هڪ به هڙي ناهه ڪنهن روسياهه کان،
پنهنجي اِ منهن تان پردو هٽائڻ گهرين ٿا.

جو راز رند جو ۽ سوئي شيخ جو به آ،
عنوان مختلف ۽ ڪهاڻي جدا نه آ،
تون ئي جي پنهنجي ڳالهه ٻڌائڻ گهرين ٿا.

● "الطاف" عباسي

## طوفان

چنڊ جي آڏو کان اڳ،
هڪ ڪڪر اچي تي هٽيو،
جوت ڪي جنهن چنڊ جي،
چنڊ ڪهڙين لئه ڏکيو.

اوچتو طوفان آئيو،
جنهن اچي بادل ٽوڙيو،
چانڊني وئي روشني،
چنڊ جڳ روشن ڪيو.

● ”نياز“ عاقلاڻي

## اکڙيون پرجي آيون

اکڙيون پرجي آيون،
ساجن!
اکڙيون پرجي آيون.
توکي ساريندي او سائي! اکڙيون پرجي آيون.

جڏهين کان پرديس ويو آن، ڏاڍو وياکل گهاريان،
گهڙي نه هڪڙي مور ٿو وسرين، پل پل توکي ساريان:
تنهائي ٿي جهوري سائين! جاني! ڪر نه جدايون —
اکڙيون پرجي آيون.

آس سدائين قائم رهندي، ليڪ ته لهندين سار،
هيءَ حياتي پار جا آهي، ٿيندي باغ بهار:
توکي پنهنجي ساه سمائي، ڏيندس جيءَ ۾ جايون —
اکڙيون پرجي آيون.

توکي ساريندي او سائي! اکڙيون پرجي آيون —
ساجن!
اکڙيون پرجي آيون.

● مهيسر ”خادم“ رفيقي

## جيجل کي نذرانو

او سنڌڙي تنهنجي سونهن سٽان،    او جيجل قربَ ورولهن مٿان،
۽ تنهنجي نالي پياري تان،    پاڄهاري، جيءَ جياري تان،
مان جان جي بازي لائيندس — ۽ گيچ خوشيءَ جا ڳائيندس.

تنهنجا شيرَ سپوتَ پيارا،    مانَ ۽ عزّت، غيرت وارا،
تن جي آري ۾ ايندو جيڪو،    سِرَ جو بَڪ آ ڏيندو ٽيڪو،
پيچ تني سان پائيندس — ۽ گيچ خوشيءَ جا ڳائيندس.

ڀنڀوارو خواب لهي ٿو،
ڇيله جو ڳاڙهو ڀنو ڇوڙي،
ڪڻن ٿاهي ٿو ڪاموري جو،
"ٻيل رنگ" ٿيو آ،
خواب ٽٽي پيا - خواب ٽٽي پيا،
پل پل تي نہ ڀروسو ڪو - !

سولي جي ديوارن ۾،
ٻار روئي ٿو بسڪٽ لئہ،
ٻستي ۾ ٻهارون آهن،
ڳلن مان خون وهي ٿو -

آءٌ اهڙو شهر ڏسان ٿو
جتي آءٌ اڪيلو جڻ،
مون کي سڀ وساري ويا،
ڇو جو ڳاڙهو ويس آ مون کي،
ڳاڙهن ڳاڙهن ڪپڙن سان،
ڳاڙها ڳاڙها جوان اچن ٿا،
منهنجي دل وڌي وئي آهي،
مرڪان ٿو مان ٽهڪان ٿو مان،
ساٿيو سڀ ڇڏي ڀڄي ويا،
آءٌ ملي ويس جوانن سان -



● "بيوس" بازيدپوري

●

اٺم محب تنهنجا هي ماڻا اکين تي،
اهي ناز نخرا نماڻا اکين تي.

عجب تنهنجي صورت، عجب تنهنجي سيرت،
عجب تنهنجي رفتار راڻا اکين تي.

جتي قرب واريون ڪيونسين ڪچهريون،
چمي سي رکيم، ٿاڪ ٿاڻا اکين تي.

آڏايو سون محلات تو لاءِ دل ۾،
اچي ويهه تون، رک وهاڻا اکين تي.

نه آ ذات تي، او سوچ شاعرا
تماچيءَ رکيا ڪيئن مهاڻا اکين تي.

ڪندا ڪرڙ تنهنجي وطن جا وڻن ٿا،
وطن جا رکان چو نه لاڻا اکين تي.

جنم سنڌ جيجل جي جهوليءَ ۾ جنهن جو،
سپاهيا سي سنڌي سياڻا اکين تي.

ڪري مست مخزون، عاشق هزارين،
ڪرين تو تون "بيوس" اياڻا اکين تي.



( ٢ )

هر قدم تي ڪربلا، هر ڪربلا ۾ لک يزيد،
ڪربلا هڪڙي هجي، ماتم ڪجي، اي مومنو؛
ڪنهن هڪڙي، ڪاٿيون ٻي اٿها آهن رکيون،
هڪ حُسين ۽ لک يزيد آهن ميڙيل اي دوستو.

( ٣ )

فرحتون پل ماڻ تون فردوس جون،
جنتون توکي هجن زاهدا مباح؛
پاڻ جيئن جاوائين، دوزخ ٿيو نصيب،
پاڻ آن ۾ ٿا ڪيون سنجهه ۽ صباح.

( ٤ )

شل نه ڪو ٻي موج دريا ٿي پوي،
جو ته طوفان تي اچي ويندو عتاب؛
ڪشمڪش ئي همتن جي پرک آهي،
زندگي جو حُسن آهي انقلاب.

”هدايت“ بلوچ

( ١ )

مان آميدن جا رکان ٿو ڪُل مگر،
پيرُخيءَ مان تون آجاڙي ٿو وجهين؛
تون نٿو چاڻين مگر الله مُنهُن،
هر قدم مان دل لتاڙي ٿو وجهين!

( ٢ )

ڏنا جي داغ تو دل کي، انهيءَ جو حال پُڇ هيڪر،
چتوان چا، زندگي منهنجي وئي برباد، ڪافي آ؛
ٻکهارڻ لوهه جي لئه جئن ڪهن ٿا باهه جا شعلا،
اسان جي دل ٻکهارڻ لئه اوهان جي ياد ڪافي آ.

( ٣ )

مون کي ڪاهي ڪاشڪايت ڪنهن بہ هڪ محبوب کان،
زندگيءَ ۾ هر قدم تي تير سهنا ٿا پون؛
ڪنهن کي ڪنهن کي ليڪ پنهنجي آڻجي آغوش ۾،
بس اُنهن اُڃہ رات جو ئي خواب لهڻا ٿا پون.

( ٤ )

اسان جو حال پڇي ڏس ڀلي ستارن کان،
توهان جي ياد ۾ شب روز ڇا چوان گذريا؛
ستم تہ پنهنجي جڳهہ ليڪ ٻَوَ اِ ستم آهن،
اسان تي تنهنجا ڪرم ٻي ميٺا ڳران گذريا!



# پرڏيهي شاعري

- ويتنامي شاعر ـــ ٿان هائي
- سنڌيڪار: رسول بخش پليجو

## رات آءٌ سرحد ٽپي آيس!

[ويتنام جي دشمن آن ڪي ڪاٽي، ٻه اڌ ڪري ڇڏيو. ڏکڻ واري اڌ ۾ جدوجهد جاري آهي. ڏکڻ جا مالجهي مرد اڪيچ ۾ سرحد ٽپي وطن جي اترئين آزاد حصي ۾ وڃي فوجي تربيت وٺندا آهن. پويان سندن مائٽن ۽ ٻچن ٻارن کي دشمن عذاب ڏيندو آهي. سندن زالن کي مجبور ڪيو ويندو آهي ته هو ٻيا مڙس ڪن. اهي عورتون ٻنيان ڏکن ۾ سالن جا سال دشمن جا سور سهنديون آهن، گهر ۽ ٻنيون سنڀاليندڙيون آهن، جدوجهد ڪنديون آهن ۽ پنهنجن ورن جو اوسيئڙو ڪنديون آهن. هيءَ نظم هڪ اهڙي ئي سرويچ عورت جو آهي، جنهن جو مڙس اتر ويل آهي. ـ ر. ب. پ]

*     *     *

توسان آتر ۾ اچي ملڻ لاءِ،
رات آءٌ سرحد ٽپي آيس!
تو لاءِ سيڪندي سال ٽي ويا هئا،
ميهن واچ ڪندي، آڏامندي آيس.
سارين جي سهڻين سائين ٻنين مان ڊوڙندي،
آءٌ ليٺ تنهنجي شهر ۾ اچي پهتيس.
توکي شهر جي گهٽين ۾ ائي ڳوليم،
ته پري ڪان ڪو ماڻهو نظر چڙهيم،
ساڳيو جهڙو تون، جالي!

اڙي، سچي! تون ئي هئين، تون، تون،
ها جانب! تون ئي هئين،

مون وٽي ٻوڙ ڀاتي، ؟
وڙ ڪري چيو: ”جاني ٻيهر!
”آءٌ اڃي ويٺي آهيان!“

تون ايئي رهئين،
منهنجي صورت ڀري ڪان سچائي وٺين.
مون کي خبر آهي ته ستون هزارن زالن جي وچان ٻه
تون مون کي ڀريان ئي سچائي وٺين ها.
۽ تنهنجي ٻالهن جي هنج ۾ مون دانهن ڪري چيو،
”سچا سارا ٻنج سال گذري ويا.“
تو مون کي ڀاڪر ۾ ڀڪوڙي ورتو،
ڀاڻ کي ڪيتريون نه ڳالهيون ڪرڻيون هيون!

تو مون ڪان ٻنين جون خبرون ٻڇيون،
ڳوٺ راڄ جون ڳالهيون ٻڇيون؛
الا! آهي سال ڪهڙا نه ڏکيا گذريا هئا،
آءٌ توکي ٻنهنجا ڪهڙا سور ٻڌائي ڪهڙا ٻڌايان ها!

تان جو منهنجي ڳول ڳول ٻانهن،
جنهن تي تون مٿو رکي سمهندو هئين،
تنهن کي ڇهيو ۽ دانهن ڪري ٻڇيو؛
”تنهنجي ڳوشت ۾ هي زخم ڇا جو آهي؟“
”هي ڪنهرو ڳهاءُ توکي ڪنهن ڏنو؟“
مون وراڻيو:
”هي سڀ سال مون تنهنجو اوسيئڙو ڪيو،
”آءٌ دشمنن سان ملي ڪانه ويٺي آهيان،
”مون ٻئي مڙس ڪرڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو،
”مون تو سان نينهن جي لاتي توڙڻ ڪان انڪار نه ڪيو،
”تنهنڪري دشمن منهنجي ٻنيان ٻئجي ويا،
”ايئن مون کي جهلي قيد ڪري، اِهي ڳهاءَ ڏنائون...“
منهنجي نڙيءَ ۾ جڻ ڪجهه اٽڪي پيو،
منهنجي ليڙن مان نار وهي آئي هليا،

مون پنهنجو منهن تنهنجي ڇاتيءَ ۾ لڪائي ڇڏيو،
تنهنجي ڇاتيءَ ۾ غصو ٽهڪڻ لڳو...

پوءِ الائي ڪهڙي پاسي کان ڪڪڙ ٻانگ ڏني،
آءٌ ڇرڪ ڀري جاڳي پيس؛
جيڪي خواب ۾ ڏٺم، سو وري ياد آيم،
۽ دل مان درد جي دانهن اڪري ويم.

منهنجا پرين! خبر اٿيئي،
وطن جي رت ٻڏل شهيد ٿيل ڏکڻ کان،
هر رات، منهنجي دل،
سرحد ٽپي توسان ملڻ ايندي آهي.



"ڪيترن ئي ماڻهن جي حياتي هن ڌرتيءَ جي هانوَ تي هڪ
ٻار ڪان وڌيڪ حيثيت نٿي رکي، ليڪن هڪڙو سٺو ڪتاب،
هڪ ڪامل شخصيت جي جگر جو آهو املهه خون آهي، جيڪو
ايندڙ نسلن لاءِ محفوظ ڪيو ويو آهي. ڇا، اسان ڪي اُن
جگري خون جي محفوظ سرمايي جو ڪو احساس آهي؟"

— ملٽن

# ۲

# افسانا

صبح جو پيٽن تجربيگاهه ۾ داخل ٿيو ۽ ايلي سن رپورٽ مڪمل ڪري چڪو هو ۽ ڪاغذن جو ٿهو ٿيلهي ۾ بند ڪري رهيو هو.

”ڊاڪٽر ايلي سن! ڪم مڪمل ٿي ويو ڇا؟“

”جي ها، مان ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ تيار آهيان.“

”ليڪن ڊاڪٽر، توهان اڳين ڪان ڪجهه پيلا ٿي ويا آهيو، آخر ڪهڙي ڳالهه آهي؟“ پيٽن سوال ڪيو.

”هيءَ ڪمزوري سڄي رات اوجاڳي سبب ٿي آهي — تون ڪابه ڳڻتي نه ڪر. هاڻي اسان کي هلڻ گهرجي.“ ايترو چئي ايلي سن اٿيو ۽ پيٽن سان گڏجي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ روانو ٿيو. پيٽن غور سان ڏسي ها ته ڪيس خبر پئجي وڃي ها ته ايلي سن جو قد ڏيڍ انچ گهٽجي ويو آهي ۽ قميص جي هيٺان ٻنهي ٻانهن تي پٽيون ٻڌل آهن.



هن حقيقت کي مڃڻ گهرجي ته دنيا هن وقت سطحي ۽ بي معنيٰ، غير افادي ۽ منجهائيندڙ لکيتن جي شڪار آهي. هرڪو ماڻهو، پنهنجي مطالعي جي قوت، وقت ۽ مالي گنجائش کان وڌيڪ ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون خريد ڪري ٿو، ۽ جيڪي پڙهي ٿو، ان کي گهٽ سمجهي سگهي ٿو ۽ ان مان ڪي به مفيد نتيجا ڪڍي نٿو سگهي.

ڪيترن لکندڙن کي وري اهو خيال آهي ته ماڻهو سندن اهي ئي تحريرون ۽ لکيتون پڙهندا، جن ۾ شور ۽ هنگامو گهڻو مچايل هوندو. بيشڪ ادب جي زوال واري دؤر ۾ ائين ئي ٿيندو آهي: هرڪو شخص اهائي شئي پڙهندو آهي، جيڪا ٻيا عام ماڻهو پڙهڻ چاهيندا آهن. علم ۽ تحقيق وارين شين جو ذڪر ٿي ويندو آهي؛ انڪري شور ۽ هنگامي، سنسني ۽ اجائي دلچسپي ڦهلائڻ واري ادب جو زور رهندو آهي ۽ اهڙي ادب جي ئي همت افزائي ڪئي ويندي آهي. — هيرالڊ گبز

# ٣

# مقالا

تازه ترين تحقيقات مطابق ڊاڪٽر پارپولا جهڙا ماهر جديد اوزارن ۽ ڪمپيوٽرن ذريعي ذري ڳوڙهه اُن نتيجي تي اچي پهتا آهن ته سنڌو ماٿر جا اصلوڪا باشندا دراوڙ نسل جا هئا. بهرحال، اڃا به انهن جي تحقيق تشنهٔ تڪميل آهي. اُن جو مفصل احوال اڳتي ايندو.

مون کي اميد ته هن پهرينءَ تحرير ۾ 'سنڌ ۽ دراوڙ قومن' بابت مذڪور احوال ڪافي ٿيندو، ته منهجي زيرطبع ڪتاب "سنڌي رسم الخط جي ارتقاء" ۾ ص ١١٧ کان وٺي، موهن جي دڙي جي مُهرن جي احوال جو هر ڪنهن پهلوءَ تي بحث آيل آهي. ڪاڪي ڀيرومل يا ٻين مستشرق عالمن جي راين سان مان ڪيترن ڳالهين تي متفق نه رهيو آهيان. اميد ته ٻيءَ ڪنهن صحبت ۾ هي سارو علمي بحث سڄڻن آڏو پيش ڪبو.





١٩٧٣/٤ع

## اشارا

(۱) Alfred Khun - Study of Society Page 205

(۲) Alfred Khun - Study of Society Pages 208, 211, 212

(۳) Alfred Khun - Study of Society Page 212

(۴) Evolution of Culture Page 6

(۵) The World of Man Page 12

(٦) In Language, in Culture Pages 94, 161-162

(۷) "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪردار" الهداد ٻوهيو - نئين زندگي ٻويون پرچو.
(سنڌي ٻوليءَ جي سماجي تاريخ تي هيءَ هڪ بنيادي ڪوشش آهي)





٢٣- آل سنڌ ادبي ڪانفرنس جي افتتاحي اجلاس کي جمعيت الشعراء سنڌ جو جنرل سيڪريٽري مسٽر محمد علي "جوهر"، سنڌ جو وزير صحت جناب عبدالوحيد ڪٽپر، جمعيت الشعراء سنڌ جو صدر عاليجناب مخدوم محمد زمان "طالب المولى" ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر پروفيسر غلام مصطفى شاهه خطاب ڪري رهيا آهن.



محفل مشاعره ۾ وزير صحت سنڌ جناب عبدالوحيد ڪٽپر پنهنجو ڪلام پيش ڪري رهيو آهي.
اسٽيج تي صدر مشاعره عاليجناب مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولىٰ"
سان گڏ ٻيا شعراء ڪرام نظر اچي رهيا آهن.



"جمعيت الشعراء سنڌ" جي جنرل بورڊ جي اجلاس ۾ جنرل سيڪريٽري مسٽر محمد علي "جوهر"، جمعيت الشعراء جي صدر قبله مخدوم صاحب جي آجيان ڪري رهيو آهي.



اجلاس دوران قبله مخدوم صاحب جن ڪنهن ڳالهه جي وضاحت ڪري رهيا آهن.



ڪتابن جي نمائش ۾ وزير تعليم سنڌ جناب ڊاڪٽر محمد اوستو، سنڌي ادبي بورڊ جي
سيڪريٽري مسٽر غلام رباني ءَ سان گڏ، بورڊ جي ڪتابن جو معائنو ڪري رهيو آهي.



سنڌي مصوريءَ جي نمائش ۾ ڊسٽرڪٽ پيپلس پارٽي لاڙڪاڻي جو صدر
جناب چاڪر علي جوڻيجو تصويرن جو معائنو ڪري رهيو آهي.



ادبي ڪانفرنس ۾ سنڌي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جون يادگار تصويرون.
قبله مخدوم صاحب، جناب عبدالوحيد ڪنڀر، جناب محمد علي جوهر،
مسٽر عنايت بلوچ ۽ ٻيا اديب ۽ شاعر حضرات.



زيب عاقلي، تنوير عباسي، محمد علي "جوهر"، غلام رباني،
رشيد ڀٽي، نياز همايوني ۽ عبدالله "اثر".




ايران ڪلچرل سينٽر حيدرآباد جي "جشن فرهنگ و هنر" ۾ مسٽر محمد بخش انصاريءَ جي صدارت هيٺ منعقد ٿيل
محفل موسيقيءَ جي تصوير. ڪابي ڪان ساڄي: (۱) خميسو خان (۲) مسٽر محمد بخش انصاري (۳) آقاي ڪيوانشڪوهي.



ايران ڪلچرل سينٽر حيدرآباد جي "جشن فرهنگ و هنر" ۾ عاليجناب مخدوم محمد زمان "طالب المولى" جي صدارت هيٺ منعقد ٿيل سنڌي - اردو مشاعرو. ڪابي کان ساڄي (١) عاليجناب مخدوم محمد زمان "طالب المولى" (٢) آقاي ڪيوانشڪوهي (٣) ڊاڪٽر تنوير عباسي (٤) مسٽر عنايت بلوچ (٥) محترمہ شوڪت زرين (٦) مرزا عباس علي بيگ (٧) جناب احسن الهاشمي ۽ (٨) حاجي شيرمحمد خان نظاماڻي



پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه، سنڌي ادبي بورڊ جي اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ
جو چيئرمن، ايران کان آيل عالمن جي سنڌي ادبي بورڊ
طرفان آجيان ڪري رهيو آهي.



سنڌي ادبي بورڊ طرفان ايراني عالمن جي اعزاز ۾ ڏنل دعوت جي موقعي جي تصوير.

ساڄي کان کاٻي (ويٺل): نواب نوراحمد لغاري، مسٽر محمد حنيف صديقي، پروفيسر ايرج افشار، پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه، پروفيسر محمد تقي دانشپزوه، پروفيسر منوچهر ستوده ۽ پير حسام الدين راشدي.

(بيٺل): جناب حاجي خان خواجا، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، مسٽر غلام رباني، مسٽر غلام علي الانا، سيد احسان علي شاهه ۽ آقاي ڪيوانشڪوهي.

بعد ۾ ايران-پاڪستان دوستي انجمن حيدرآباد جي سرپرست نواب نور احمد خان لغاريءَ وٽ سندس ڳوٺ ڳهڻ ويا، جتي روايتي سنڌي مهمان نوازيءَ سان سندن آدرڀاءُ ڪيو ويو.

ٽئين ڏينهن، ۲۳- نومبر ۱۹۷۳ع تي، سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس ۾ بورڊ جي علمي ۽ تحقيقي ڪم جي معائنو ڪندي مسرت جو اظهار ڪيائون، ۽ بورڊ جي ادبي ڪارڪردگيءَ کان واقفيت حاصل ڪيائون. ان موقعي تي، بورڊ جي سيڪريٽري مسٽر غلام ربانيءَ کين بورڊ جا ڇپيل فارسي ڪتاب تحفي طور ڏنا.

بعد ۾ حيدرآباد ۾ ٽالپرن جي مقبرن تي ويا، جتي سنڌ جي عمارتسازيءَ جو فن ڏسي ڏاڍا متاثر ٿيا.

ايراني عالمن جي انهيءَ علمي دوري ۾ سنڌ جو قابل فخر محقق، مورخ ۽ دانشور محترم پير حسام الدين راشدي ساڻن گڏ هو. —"ناشاد"



اسان مان هرهڪ کي ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن تي، جسماني طرح مان فنا ٿيڻو آهي. هن دنيا ۾ زنده رهڻ ۽ خوشين سان همڪنار ٿيڻ جو فقط هڪئي طريقو آهي ته ڪم ڪيو وڃي؛ ليڪن رڳو 'پنهنجي' لاءِ نه، بلڪ 'ٻين' جي لاءِ. 'ٻيا' آهي، جيڪي اسان جو مستقبل آهن — يعني اسان جا ايندڙ نسل.

زندگيءَ جي سچي خوشيءَ جو راز ان ۾ لڪل آهي ته انسان پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ هڪ اهڙي جدوجهد ۾ مصروف رهي، جنهن سان مستقبل پنهنجين مڙني عظمتن ۽ مسرتن سان روشن ۽ درخشان ٿئي. ۽ جيڪو شخص انهيءَ نصب العين مطابق عمل ڪري، ان کي پنهنجي پاڻ کان هيءُ سوال ڪڏهن به نه ڪرڻ گهرجي ته "ڇا ايندڙ نسل مون کي داد ۽ تحسين بخشيندا به يا نه؟"

اهو شخص، جو ذاتي خواهشن کي پنهنجي جدوجهد جو مرڪز ۽ محور ٿو بنائي، سو ڪنهن به حالت ۾ اها دعويٰ نٿو ڪري سگهي ته هو عوام جو خدمتگذار آهي؛ ڇو ته حقيقت ۾، هن عوام جو نالو وٺي، فقط پنهنجي ۽ پنهنجن عزيزن جي خدمت ڪئي. اهڙن خدمتگذارن کان ته نانگ ۽ وڇون بهتر آهن، جن بابت هيءَ حقيقت ته هرڪو ٿو ڄاڻي ته اهي آخر ڏنگيندا آهن.

— ڪمال اتاترڪ